SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXVIII مجريہ 1972

SINDH ACT NO.XXVIII OF 1972

اولهہ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972

THE WEST PAKISTAN GOVERNMENT EDUCATIONAL AND TRAINING INSTITUTIONS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعات 4 ۽ 5 جي ترميم

Amendment of Section 4 and 5 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

سنڌ ايڪٽ نمبر XXVIII مجريہ 1972

SINDH ACT NO.XXVIII OF 1972

اولهہ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972

THE WEST PAKISTAN GOVERNMENT EDUCATIONAL AND TRAINING INSTITUTIONS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

[28 ڊسمبر 1972]

ايڪٽ، جنهن ذريعي اولهہ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا آرڊيننس، 1960 کي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ترميم ڪئي وڃي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اولهہ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا آرڊيننس، 1960 کي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ترميم ڪرڻ ضروري آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

جنهن کي هيٺين ريت جوڙيو پيو وڃي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي اولهه پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعات 4 ۽ 5 جي ترميم

Amendment of Section 4 and 5 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

2. اولهه پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا آرڊيننس، 1960 کي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ—

(i) دفعه 4 جي ذيلي دفعه (1) ۾ لفظ "نو" جي جڳهه تي لفظ "چوڏنهن جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج غير سرڪاري رڪن هوندا" متبادل بڻايا ويندا.

(ii) دفعه 4 ۽ دفعه 5 جي ذيلي دفعات (1) ۽ (2) ۾ لفظن "اولهه پاڪستان جي/جو/جا" جتي به اچن انهن کي خارج ڪيو ويندو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.